SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXXII مجريه 2013
# SINDH ACT NO.XXXII OF 2013
# سنڌ صوبائي اسيمبلي (براءِ ميمبرز) مراعتون (ترميم) ايڪٽ، 2013
# THE SINDH PROVINCIAL ASSEMBLY (MEMBERS) PRIVILEGES (AMENDMENT) ACT, 2013

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)
1. مختصر عنوان، نفاذ ۽ شروعات
Short Title extent and commencement
2. سنڌ ايڪٽ نمبر XI مجريه 1975 جي دفعه 10-A جو شامل ٿيڻ
Insertion of section 10-A in the Sindh Act No.XI of 1975

# سنڌ ايڪٽ نمبر **XXXII** مجريه **2013**

# SINDH ACT NO.XXXII OF 2013

# سنڌ صوبائي اسيمبلي (براءِ ميمبرز) مراعتون (ترميم) ايڪٽ، **2013**

# THE SINDH PROVINCIAL ASSEMBLY (MEMBERS) PRIVILEGES (AMENDMENT) ACT, 2013

[1 اپريل، 2013]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن جي ذريعي سنڌ صوبائي اسيمبلي (ميمبرز) مراعتون ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن ته هن ايڪٽ جي تحت سنڌ اسيمبلي جي ميمبرن ڪي ملنڌڙ مراعتون، سينيٽ ميمبرن ۽ قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن ڪي ملنڌڙ مراعتن سان هم آهنگي ڪرڻ آهي ۽ سنڌ صوبائي اسيمبلي (ميمبرن جي لاءِ)مراعتون ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي.

جنهن ڪي هن ريت ثاهي نافذ ڪيو ويندو:

مختصر عنوان، نفاذ ۽ شروعات
Short Title extent and commencement

1. (1) هن ايڪٽ ڪي سنڌ صوبائي اسيمبلي (براءِ ميمبرز) مراعتون (ترميم) ايڪٽ، 2013 سڏيو ويندو.

(2) هيءُ في الفور نافذ ٿيندو.

سنڌ ايڪٽ نمبر XI مجريه 1975 جي دفعه 10-A جو شامل ٿيڻ
Insertion of

section 10-A in the Sindh Act No.XI of 1975

2. سنڌ صوبائي اسيمبلي (براءِ ميمبرز) مراعتون ايڪٽ، 1975 ۾ دفعه 10 کانپوءِ هيٺين نئين دفعه 10-Aکي شامل ڪيو ويندو.

”10-A هڪ اڳوڻي ميمبر ۽ بطور ميمبر رهندڙ مرحوم ميمبر جي شريڪ حيات هيٺين سمورين سهولتن جا حقدار هوندا.“

(a) سمورين سرڪاري گيسٽ هائوسز، ريسٽ هائوسز ۽ سنڌ هائوسز اسلام آباد ۽ سنڌ هائوس گوادر تائين رسائي حاصل هوندي، ۽ ان سان اتي رهائش جي معاوضي جي طور تي اوترو ئي ورتو ويندو جيترو ڪنهن سرڪاري آفيسر کان سرڪاري دورن جي دوران ان جاءِ تي رهائش جي لاءِ ورتوويندو آهي.

(b) اسيمبلي سيڪريٽريٽ، اسيمبلي لائبريري ۽ اسيمبلي اجلاسن جي ڏسڻ جي لاءِ اسپيڪرز گيلري جي لاءِ تاحيات انٽري پاس (داخلا پاس).

(c) وفاقي حڪومت جي قانونن جي تحت سمورن هوائي اڏن کي وي آءِ پي لائونجر جو استعمال ڪرڻ.

(d) پنهنجي يا شريڪ حيات يا 18 سالن کان گهٽ ٻارن جي لاءِ وفاقي حڪومت جي قانونن جي تحت تاحيات سرڪاري مفت پاسپورٽ جي سهولت.

(e) سرڪاري آفيسرن جي لاءِ مقرر قيمت تي چار هٿيارن جي لائسنس جو اجرا ۽ تجديد.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.